# آندر جو آواز

سي . ڊبليو . سئنڊرس

راڌا سوامي سٽسنگ بياس (پنجاب)

# آنـدر جـو آواز

سي٠ ڊبليو٠ سٽنڊرس

اڌا سوامي ستسنگ بياس ( پنجاب )

# وشيہ سوچي

Published by Shri S. L. Sondhi
Secretary Radha Soami Satsang
Beas (Punjab)



| | | |
|---|---|---|
| [دفعو پهريون] | مئي ١٩٦٩ | [جلد ٣٠٠٠] |
| [دفعو ٻيون] | فيبروري ١٩٧٣ | [جلد ٣٠٠٠] |
| [دفعو ٽيون] | سيپٽمبر ١٩٧٧ | [جلد ٥٠٠٠] |
| [دفعو چوٿون] | سيپٽمبر ١٩٨٢ | [جلد ٥٠٠٠] |

Printed by Shri Girdharilal Gur
at Kohinoor Printers
Shekha Mohalla, Ajmer.

# مهاڳ

"اندر جو آواز" ڪرنل سي. ڊبليو. سئنڊرس جي مشهور انگريزي ڪتاب "دي انر وائس" (The Inner voice) جو سنڌي ترجمو آهي. اهو پستڪ ڪيترين ڀاشائن جهڙوڪ جرمن، فرينچ، هندي وغيره ۾ انواد ٿي چڪو آهي ۽ ڪافي لوڪ پريه ثابت ٿيو آهي.

هن پستڪ ۾ ايڪ سنت مت جي سڌانتن جو مختصر اليک ڪيو آهي. سنت مت ڪنهن خاص ڌرم يا قوم سان سنٻنڌ نٿو رکي. هر ڪنهن ديس، ڌرم ۽ جاتيءَ جا ماڻهو انهيءَ مان لاڀ وٺي سگهن ٿا. سنت مت ۾ ڪو ٻاهريون ڀيک، آچار وهنوار يا ريت رواج ڪونهي. سڀني ڌرمن جي اها مول سکيا آهي ته پرماتما جهنگلن، پهاڙن، تيرٿن ۽ مندرن ۾ نه، بلڪ انسان جي اندر وسي ٿو. ٻاهر نه ڪنهن کي مليو، نه ملندو. سنت مهاتما اسان کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جي جُڳتي سيکارين ٿا.

جڏهن ته گرمک، آتما ۽ پرماتما جو گيان پائڻ ۽ مڪتي حاصل ڪري، تڏهن جيئري پنهنجي حياتيءَ ۾ پراپت ڪري. سنت مت ته اسان کي موت کانپوءِ مڪتيءَ جو

”مندر ۾ گرجن جا گهنڊ اسان کي صرف ڪن مقرر وقتن تي سڏين ٿا پر اسان جي اندر وڄندڙ انهد شبد جي جهنڪار اسان کي هردم واپس سڏي رهي آهي. افسوس! اسين اچيت اِنسان، انهيءَ کي ٻڌڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون!“

# ڀومڪا

هي پستڪ خاص ڪري ٻچڙي جڳياسن واسطي لکيو ويو آهي. هن ۾ روحانيت جي سار کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي مارگ، جو آتما کي پرماتما سان ملائي ٿو، انادي آهي ۽ جڏهن کان دنيا پيدا ٿي تڏهن کان هلندو آيو آهي ۽ جيستائين هي سنسار قائم رهندو تيستائين اهو سرت شبد جو مارگ به قائم رهندو ڇاڪاڻ ته اهو پرماتما پاڻ ٺاهيو آهي.

جيڪڏهن مختلف ڌرمن جي اتهاس جي چڱي طرح کوج ڪبي ته پروڙ پوندي ته هرڪو ڌرم شروع ۾ منش کي پرڀوءَ سان ملائڻ جو ساڌن هو ۽ جيستائين ان ۾ ڪمائيءَ وارا سنت مهاتما موجود رهيا تيستائين انهيءَ جو مول روپ ۽ آدرش قائم رهيو. پر جڏهن ڌرمن جي واڳ ڏور، ٻاهرمکي ۽ سوارٿي شيوڪن جي هٿ آئي ته پوءِ اهي ڌرم بدلجي صرف رسمن رواجن ۽ ڪرم ڪانڊ جا بنڌڻ بڻجي پيا.

باريڪ نظر سان ڏسبو ته سوجهي پوندي ته هرهڪ ڌرم جا ٻه پهلو آهن، اَنترمکي ۽ ٻاهرمکي. اَنترمکي ڌرم جو مقصد آهي، آتما کي من ۽ مايا جي جار مان

دلاسو ٿو ڏئي ۽ جيڪڏهن نروان پد جي پرارٿنا ڪري ته ۽ انهيءَ کي پائڻ جو ساڌن ٻڌائي ٿو.

هن ننڍڙي پستڪ ۾ ليکڪ انهيءَ مارگ تي پرڪاش وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ آشا ٿي ڪجي ته ڀارت جا اڀياسي انهيءَ مان لاڀ وٺي پنهنجو جيون سکيو ۽ سڦل بڻائيندا.

شري مگھارام دلال هن پستڪ جو سنڌي انواد ڪري ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو، جنهن لاءِ اسين سندس شڪرگذار آهيون.

**ايس. ايل. سونڌي**
سيڪريٽري
**راڌا سوامي ستسنگ بياس**

جي اِن وس مارگ کي ڇڏي ڪنهن عملي ۽ سوارٿ مارگ، جي ڏولاين ۾ آهن تن کي هن پستڪ ۾ ذڪر ڪيل مارگ، تي گهرائيءَ سان وچار ڪري لاڀ وٺڻ گهرجي.

جگياسوءَ کي پورو لاڀ تڏهن ٿيندو جڏهن اُدار دل سان سنت مت جي سڀني سدانتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن پاٺڪ محسوس ڪري ته، هن پستڪ ۾ انهيءَ اَڌياتمڪ وشيه، جو ذڪر آهي، جنهن جي هن کي کوج آهي ته پوءِ ڪيس هن روحاني وگيان جو غور سان ابياس ڪري، پنهنجي وچارن کي نرمت ڪري، شنڪائن کي دور ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کپي.

آخر ۾ هڪ ٻيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ خاص ضروري آهي. جيڪڏهن هن پستڪ پڙهڻ سان پاٺڪ کي جيون جي رهسيه ڄاڻڻ جو شوق پيدا ٿئي ۽ سنت ستگوروءَ جي شرڻ وٺي نام وٺڻ جو فيصلو ڪري ته، پوءِ اهڙو اسين هنکي وشواس ڏيئي سگهون ٿا ته، جي هو سنت مت جي بنيادي اصولن تي هلي نيڪ پاڪ زندگي گهاري، ڀڄن سمرن نيم ۽ پريم سان ڪندو ته ڪجهه عرصي ۾ ئي پنهنجي ذاتي تجربي دوارا هن آتمڪ گيان جي سچائيءَ بابت سندس تسلي ٿيندي. پنهنجي روزمره جي ذميوارين کي نباهيندي، جيترو وڌيڪ لگن سان ڀڄن سمرن ڪندو اوترو ئي سندس آتمڪ وڪاس

ڪڍي پرماتما سان ملائڻ ۽ ٻاهرئين ڌرم جو زور
ڪرم ڪانڊ، ڪيرتن ۽ پوڄا حالتن کي سڌارڻ نه
هوندو آهي.

انساني جسم کي سهارو ڏيڻ ۽ چيتن رکڻ واري
شڪتي آتما آهي. جيستائين آتما شرير ۾ موجود آهي
تيستائين شرير جي سونهن قائم آهي ۽ جڏهن اها پروان
ڪري وڃي ٿي ته پوءِ هيءُ ديهه مٽيءَ جي ڍيري ٿيو
پوي. اهڙي طرح جڏهن ڌرم روحانيت کان خالي ٿي
وڃي ٿو ته پوءِ اهو محض ڪٽرتا، تنگدلي، فرقيمندي
۽ جهالت جو مرڪز بڻيو پوي، جتان ڌرمي جهڳڙا
واد وواد ۽ ٻيون انيڪ برايون اُٿن ٿيون. نتيجو
اهو ٿيو آهي ته وگيانڪ اُنتيءَ جي باوجود اسين آتمڪ
کيتر ۾ ڪورا آهيون ۽ اندر ڏي ۾ هٿو وائڙيون پيا هڻون
Religion (ڌرم) لفظ لٽن ڀاشا جي ٻن شبدن جو جوڙ
آهي. "Re" جو مطلب آهي واپس ۽ "Lagore" جو
ارٿ آهي جوڙڻ يعني اهو مارگ، جو آتما کي واپس
پرماتما سان جوڙي. هن پستڪ ۾ انهيءَ مارگ ڏي
اشارو ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته انهيءَ جي کوج
ڪيئن ڪجي. هي ڪو نئون ڌرم ناهي بلڪ صحيح
معنيٰ ۾ خالص روحانيت آهي. انهيءَ ڪري ان مارگ
تي هلڻ لاءِ پنهنجي ڌرم يا شريعت ڇڏڻ جي ضرورت
نه آهي. جيڪي سچ واد وواد، ترڪ ۽ ڪرم ڪانڊ

# ١- سنتن جو سنديش

انسان جي ٻاهرين توڙي اندرين جسماني بناوٽ ساڳي آهي ۽ سندس مالڪ ۽ آتمڪ ڀاڱو به سمان آهي. سڀ جو ڪرتا ڌرتا، جنهنکي اسين الله، رام، رحيم، واهگرو يا God سڏيون ٿا، ساڳيو آهي ۽ هن سان ملڻ مڪتي پائڻ جو مارگ به سڀني لاءِ هڪڙو ئي آهي. اهو مارگ قدرتي طور هر ڪنهن انسان جي اندر پرڀوءَ پاڻ رکيو آهي ۽ اهو آهي سرت کي شبد سان جوڙڻ.

اهو سرت شبد جو اندروني مارگ جيتوڻيڪ هرهڪ انسان جي اندر موجود آهي پر عقل ۽ چترائيءَ سان انهيءَ جي کوج ڪرڻ، وئرٿ آهي. صرف اهو موجوده سمت ستگورو، جو انهيءَ روحاني راهه کي طئه ڪري ترڌام پهچي چڪو آهي، اسانکي انهيءَ مارگ جو ڀيد ڏئي سگهي ٿو. اهوئي مڪتيءَ جو واحد طريقو آهي. جيستائين اسانکي سچو روحاني رهبر، ساڌنا نه سيکاريندو، نام سان نه جوڙيندو ۽ پڇن ۾ سهائتا نه ڪندو، تيستائين آتمڪ جاڳرتي ۽ مڪتي ممڪن نه آهن. شبد يا نام هرهڪ جي اندر برابر گونجار پيو ڪري پر چاٻي ستگوروءَ وٽ آهي. جي چاٻي هٿ نه ايندي ته شبد ڪيئن پرڪٽ ٿيندو؟

ٿيندو ۽ آتمڪ گيان ۾ اضافو ٿيندو ۽ پوءِ سمو اهڙ
جڏهن هو نياز ۽ نوڙت سان نه صرف ائين چوندو
”مان مڃان ٿو“ بلڪ ”مان ڄاڻان ٿو.“

”سنتن کي سن ساچي ساکي،
سو ٻولهه جو پيکهه آنگين.“

(رام ڪلي محلا ۵ـ ۸۹۴)

”اسانکي پنهنجي اندرين اکين سان ڏسڻو ۽ پنهنجي اندرين ڪنن سان هنجي آواز کي ٻڌڻو آهي. اسانکي پنهنجي اندر جي اندهاري کي پار ڪري پرڪاش کي پسڻو آهي.“ (شمس تبريز)

سي. ڊبليو. سئنڊرس

## ٢- سرشٽيءَ جي رچنا

اسانجي دلين ۾ عام طور اهي سوال اُٿندا آهن، "اسين هن دنيا ۾ ڪيئن آياسين، ڪٿان آياسين ۽ وينداسين ڪيڏانهن؟"

انهن مول سوالن جو جواب ٿورن لفظن ۾ ڏاڍو مشڪل آهي چاڪاڻ ته اسان انهيءَ ڏس ۾ کوج نه ڪئي آهي. هن پستڪ جي پڙهڻ سان توهان آدرش سادهون ايندا ۽ نام جي ڪمائيءَ جو شوق پيدا ٿيندو ۽ پوءِ جڏهن اندر جون منزلون طئه ٿينديون ۽ روحاني شڪتين جو وڪاس ٿيندو ته ڏهن پرپوءَ جي رچنا جي رِتا سمجهه ۾ ايندي ۽ اهي پرشن خود بخود حل ٿي ويندا.

رچنا جا ٽي حصا آهن:— آلمڪ، مانسڪ ۽ پولڪ جن جي اُپٽي شبد ذريعي ٿي.

"سب کي آد شبد کو جان،
انت سبي کا شبد پڇان."
(سوامي جي مهاراج)

"اُتپت پرلَو سبدي هووي،
سبدي هي ڦر اوپت هووي."
(مانجهه محلا ٣-١١٧)

"نام کي ڌاري سگلي جنت،
نام کي ڌاري کنڊ برهمنڊ."
(گوڙي سکمني محلا ٥-٢٨٤)

اهو موکش جو مارگ آد جڳاد کان ساڳيو آهي ۽ ساڳيو رهندو. سنتن مهاتمائن جي ٻاڻيءَ ۽ پستڪن کي پڙهڻ سان سوجهي پوي ٿي ته مختلف وقتن ۾ مختلف ملڪن ۾ رهندي به، هنن انهيءَ سرت شبد مارگ جو اُپديش ڪيو. اهو نجات جو رستو سڀ جي جائداد آهي ۽ جيڪو چاهي اُن مان لاڀ وٺي سگهي ٿو.

اهو سنتن جو سنديش انسان مايا جي ڄار ۾ ڦاٿل جيون لاءِ خوشي ۽ آشا جو پيغام آهي ۽ انهو آنند جيئري ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

”جب لگ نه ديکون اپني نئني،
تب لگ نه پتيجون گرو کي بئني.“
(تلسي صاحب)

سنتن جي سکيا جو مقصد صرف آتمڪ اُنتي ٿيندو آهي. هو انسان من ۽ مايا جي ڪچڙ ۾ ڦاٿل جيون کي شبد سان جوڙي نرمل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. اهڙا سچا سنت واد وواد ۾ ڪڏهن به ڪين اُلجهن. هو مت متانترن جي ڇڪتاڻ کان ڪنارو ڪري جيون جي آتمڪ اُنتيءَ جي مول مقصد کي سدائين سنمک رکن ٿا.

ذاري ڪرڻو پوي ٿو. هن مات لوڪ ۾ اچي آتما اهڙن ۽ غلافن سان ڍڪجو وڃي جو انجو اصلي سروپ گم ٿيو وڃي ۽ من ۽ وياڪل ٿي پئي چئن ٿيو پوي. نتيجو اهو ٿو نڪري ته من پاڻکي هڪ الڳ هستي ٿو سمجهي ۽ اسين پاڻ ئي وڃون ٿا ته در اصل پرم پتا پرماتما جا اسين ٻالڪ آهيون.

انهن هيٺين معنائن ۾ آتما آهي ضرور، پر من پرڌان آهي ۽ اهڙو بلوان ۽ چتر دشمن آهي جو آتما کي پرماتما کان الڳ ڪري انکي مٽين روحاني بدن ۾ وجهڻ کان روڪي ٿو ۽ پنهنجي دائري مان نڪرڻ نٿو ڏئي. من جي انهيءَ چالاڪيءَ ۽ رڪاوٽ بابت شايد عام ماڻهن کي وشواس نه اچي ليڪن حقيقت اها آهي ته پرماتما پاڻ پنهنجي موج سان اها رٿا رٿي آهي ته هنيان لوڪ من ۽ ڪال جي آڌار رهن. من ڪال جو انجنت آهي ۽ آتما پرماتما جو انس آهي. من آتما کي سدائين گمراهه ڪندو رهي ٿو. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ اسين سڀ پرم روپ پربهو جي ڪرڻ آهيون، تڏهن به هن استول سنسار ۾ اچي من، جي اشارن تي نچي رهيا آهيون. سنت مهاتما اسانکي بار بار آگاهه ڪن ٿا ته من ئي اسانجو سڀ کان وڏو دشمن آهي ۽ آتمڪ انتي ۽ پربهو پراپتيءَ ۾ هڪ مهان رڪاوٽ. پر من اسانکي اهڙو گهيري رکيو آهي جو اسين هن جي چڪر ۾ اچي سڌتن جي اها چتاوني ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏيون.

"All things were made by Him (The Word) and without Him was not anything made that was made."
(St. John 1, 3.)

(شبد ئي سڀ رچنا ڪئي ۽ جيڪي ڪجھ ظهور ۾ آيو سو صرف شبد ئي ٺاهيو.)

رچنا جي نرمل حصي ۾ آتما جو سروپ، پرڪاش ۽ پريم آهي. اُتي آتما شبد روپي ساگر جي هڪ ڇولي آهي. اهو سچ ديش اسانجي پرم پتا پرماتما جو نج ڌام آهي ۽ آتما جو اصلي گهر.

حافظا خلد برين خانهٔ موروثي ما است.

(اي حافظ! اُتم روحاني ديش، سچکنڊ يا مقام حق اسانجو موروثي گهر آهي.)

انهيءَ چيتن آتمڪ منڊل جي هيٺان من ۽ مايا جا اُتي رمڻڪ ۽ سندر ديش آهن. آتما جڏهن انهن منڊلن ۾ هيٺ ٿي لهي ته انکي من ۽ مايا جو سنگ ڪرڻو پوي ٿو ۽ انهن لوڪن ۾ رهڻ ۽ ڪارڻ ڪرڻ لاءِ، ڪارڻ ۽ سوکشم شرير ڌارڻ ڪرڻا پوندا. جيئن جيئن آتما وڌيڪ هيٺ اچي ٿي تيئن تيئن وڌيڪ پردن ۾ ڍڪبدي وڃي ٿي ۽ من طاقتور ٿي هنجي مٿان غالب پوندو وڃي ٿو. آخر جڏهن آتما انهن پردن سوڌو هن دنيا ۾ اچي ٿي ته هنکي هي استول شرير اختيار ڪرڻو پوي ٿو ۽ انهيءَ جي بندن ۾ قيد ٿيڻو پوي. سڀاوڪ هن استول دنيا ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آتما کي استول شرير

اُترو ۽ پر پنهنجي ڪرمن جي سزا ۽ جزا ڀوڳڻ لاءِ وٽن
ٽن جوڙان نيچ جوڻين ۾ وڃڻو پوي ٿو. اهڙي طرح
پنهنجن ڪرمن جو ڪيترو لوڙي، چوراسي ڀوڳي، بيشمار
جنمن کانپوءِ منش ديهه جي پراپتي ٿئي ٿي. اهو وجهه
انهيءَ لاءِ ملي ٿو ته اسين پنهنجو مول مقصد سمجهون ۽
مالڪ سان ملڻ جي ڪوشش ڪريون.

سڀني جوڻين کان منش ديهه اُتم ۽ سرشٽ آهي ۽
پرڀو پراپتيءَ لاءِ هڪ انمول موقعو. جيڪڏهن هينئر
اسان انهيءَ دُرلڀ ۽ قيمتي ديهه جو قدر نه ڪيو، من
سان اڙي ڪال جي دائري کي ڇڏي مڪتي پراپت
نه ڪئي، سرت شبد جي ڪمائي ڪري آتما کي پرماتما
۾ لين نه ڪيو ته پوءِ اسين من ۽ مايا جي پيچيدي جار
مان ڪڏهن به آزاد نه ٿينداسين ۽ نيچ ۽ گندن جوڻين
۾ وڃي ڪرنداسين.

هي مرت لوڪ سرشٽيءَ جي رچنا ۾ سڀ کان
هيٺيون منڊل آهي. ليڪن پرماتما انسان کي پنهنجي
شڪل تي ناهيو آهي ۽ هن انسان کي اهو اَڌڪار ڏنو
آهي ته هو انهيءَ ديهه ۾ پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ
ڪوشش ڪري، مٿين منڊلن کي طئه ڪري، ڌر ڌام
پهچي آواگون جو چڪر ختم ڪري. اهو اَڌڪار ديوي
ديوتائن کي به نه مليل آهي ڇاڪاڻ ته انهن کي به
پنهنجي نيڪ ڪرمن جو ڦل ماڻڻ کانپوءِ واپس هن مرتيو
لوڪ ۾ اچڻو پوي ٿو. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا

حقيقت اها آهي ته دنيا جا گهڻا ڌرم مڙني ۾ مادا
جي حدن کان مٿي نه ويا ۽ انهن ڌرمن جا نيتا ماداوي
مقصدن کي اصلي روحاني درش سمجهي ويٺا. نتيجو اهو
ٿيو جو اهي روحاني ڌرم جن انسان ذات لاءِ گهڻو ڪجهه
ڪيو سي اڃا تائين به ڪال جي دائري ۾ قائل آهن.

اهو سوال عام طور پڇيو ويندو آهي ته اسانجون
آتمائون انهن ماداوي مقصدن ۾ ڪيئن آيون؟

جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته آتما جڏهن پنهنجي
پرم ڌام کي ڇڏي، هيٺ ڪال جي مقصدن ۾ آئي تڏهن
هن من جو سنگ ڪيو. جنهنجو نتيجو اهو ٿيو جو هنجو
مٿين چيتن لوڪن ۾ شبد سان سمبنڌ ٽٽي پيو. جيئن
جيئن آتما ۽ من وڌيڪ هيٺ ڪرندا ويا تيئن تيئن ما
۽ اندرين جي پدان ۾ ڦاسندا ويا.

جيو هن سنسار ۾ اچي اچائن ۽ واشنائن جي جار ۾
ڦاسي ٿو پوي. ٻاهرين کان وٺي سنسار جا پدارٿ ۽ رنگ
تماشا اسانجي من کي ڇڪين ٿا. ڪام، ڪروڌ، لوڀ
موه ۽ اهنڪار اسانجي من جي ڪراوٽ جو ڪارڻ بڻج
ٿا؛ شراب، تماڪ ۽ ٻيون نشيدار شيون اسانجي اندرين کي
عارضي سک ڏيئي، اسانجي حالت بدتر بڻائين ٿيون

اسانجون حيواني خواهشون ۽ ڪاروايون ڏينهون ڏ
ڏاڍي آسانيءَ سان ٻاهر ڇڏن ٿيون ۽ انهيءَ پس
وڃي ۽ حيواني اچائن جي ڪارڻ اسانکي آخر وڃ
حيوانن جون جونيون اختيار ڪرڻيون پون ٿيون. نه صرف

سنسار جا وشيه وڪار من کي ترپت نٿا ڪن ۽
مايا وي منڊلن جي چمڪ دمڪ آتما کي سچي شانتي
نٿي ڏئي. انهيءَ ئي چنتا کي دور ڪرڻ جو صرف
هڪ ئي اپاءُ آهي ته ٻئي پنهنجي اصلي ذات ۾ واپس
پهچون. آتما جو اصلي ذات سچدانند آهي ۽ من جو ڀرم،
جتان من جي پيدائش ٿي آهي. عام طور ڏٺو ويو آهي
ته جڏهن انسان کي مصيبتون اچي گهيرين ٿيون ته هو
انهن کان ڇوٽڪاري پائڻ جو رستو ڳولي ٿو. ويچارن
جي متڀيد، مذهبي جهڳڙن ۽ ڌارمڪ بحث مباحثن،
دنيوي مان وڏائي ۽ پدويءَ لاءِ کيڇاتاڻي، سنساري
پدارٿن جي پراپتيءَ لاءِ ڊوڙ ڊڪ، انهن سڀني ۾ پهچن
مان خفي ٿي، انسان هن سنسار کي دکن جو گهر سمجهي،
پنهنجو پاڻ کان سوال ڪري ٿو، ڇا هنن دکن جو ڪو
علاج آهي؟ ڇا ڪو اهڙو ڪرمڪ سڄڻ آهي جو هن
اُنڌڪار مان ڪڍي پرم ستيه جي پرڪاش جي جهلڪ
پسائي؟ يا رڳو مايا جي مهاتمائن جي سکيا جو سهارو
وٺجي بهتر آهي؟ انهيءَ وقت مالڪ سهائتا ڪري ٿو
ڇاڪاڻ ته جن جي دلين اندر سچي جگياسا اُٿڻ لڳي ٿي،
انهن کي نشچو آهي ته ڪو مالڪ جو پيار و دليا ۾ ضرور
موجود هوندو، جو سندن پرمارٿ جي پياس اجهائيندو
۽ اها هڪ حقيقت آهي ته هن سنسار ۾ هر سمي ڪو نه
ڪو پورن سنت ٿي رهيو آهي جنهن من کي وس
ڪري پنهنجي رسائي ذر ذام ڌامن ڪئي آهي ۽ جو

۽ اي انسان! توکي هيءُ انمول منش ديهي ملي آهي
انهيءَ ڪري ان موزون موقعي جو لاڀ وٺي پرماتما سان
مل. ٻاهرئين ساڌنن ۾ پنهنجو وقت اجايو نه وڃاءِ
سنتن جي چرنن ۾ وڃي، شبد جو اڀياس ڪري پنهنجي
نج ڌام پهچ.

”ڀئي پراپت مانش ديهُريا،
گوبند ملن ڪي تيري ٻريا،
اور ڪاج تيري ڪتئه نه ڪام،
مل سادسنگت ڀڄ ڪيول نام.“

هاڻي سوال ٿو اٿي ته جنم مرڻ جي چڪر مان
ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟

من ۽ مايا جي ميدان ۾ آتما اڪيلي آهي ۽ اهو ئي
هيٺين اداسيءَ ۽ بي چينيءَ جو ڪارڻ آهي. ان ٻنهي جو
چيزن (آتما ۽ من) جو ميل ڪڏهن به سڀاوڪ ۽ سچ
ٿي نٿو سگهي. هن جڙ سنسار ۾ اچي آتما جو ته پنهنجو
ونڪ ٻرو حال ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته نه صرف آت
پنهنجي نج ڌام کان وڇڙيل آهي پر من به پنهنجي گهر
کان ڀليل آهي. ٻئي هن جڙ سنسار جي زنجير اثر آواگو
جي ويران گهاٽين ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. ٻنهي مان ڪنه
کي به سک ۽ چين ڪونهي.

”نانڪ دکيا سڀ سنسار،
سو سکيا جن نام آڌار.“

(گرو نانڪ

# ۳- سچي گروءَ جي سڃاڻ

"سچي گروءَ کي ڪيئن سڃاڻجي؟" اهو اسانجي زندگيءَ جو هڪ اهم ضروري سوال آهي ڇاڪاڻ ته سنسار ۾ اهڙا ڪيئن پاکنڊي گرو آهن جي آتمڪ گيان ۽ مڪتيءَ جي جگياسن کي گمراهه ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڪي اهڙا به آهن جنکي رڌيون سڌيون ۽ شڪتيون حاصل آهن ۽ سمجهي ويٺا آهن ته اسين سچا گرو آهيون. ڪي وري پنهنجي مانسڪ شڪتين جو اهڙو وڪاس ڪن ٿا جو ٻين لئي ٻروانءَ وجهي کين پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائين ٿا ۽ عقل ۽ چترائيءَ جون ڳالهيون ڪري ڀالي ڀولي جگياسن کي ڇڪين ٿا. ڪي بيماريءَ کي ڇٽائڻ، اڪل راز جو پتو ڪرڻ، ۽ ٻين الولڪ سڌين ذريعي پنهنجي پوئلڳن انيڪ شيوڪن کي لڙهه لائين ٿا. اهڙا اَڌورا گرو سمجهن ٿا ته هو روحاني راهه ۾ پوري پورن آهن. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته اهڙن پوکين جي اوسٽ وٽان سان ڪجهه آتمڪ اُنتي ٿئي ٿي پر هو اسانکي صرف انهيءَ منزل تائين پهچائي سگهن ٿا جيستائين هو خود پهتا آهن ۽ نه انهيءَ کان مٿي.

صرف اهو مهاتما جو خود من ۽ مايا جي منڊلن کي پار ڪري چڪو آهي ۽ مالڪ سان ملي ايڪ ٿي چڪو آهي، سو ئي اسانجي آتمائن ۽ من کي ناس ڪري، من مايا جي چڪر مان ڪڍي، اسانکي ڌرڌام پهچائي

پنهنجي شش ڪري ۽ انهيءَ مقام ٽائين پهچائي سگهي
ٿو. اهڙا سمت سدائين سچن جگيائن جي ديکيال ۾
رهنمائيءَ جو خيال رکندا آهن. جهڙي طرح ٻهاڙ جي
چوٽيءَ تي بيٺل انسان وڏهو ٻا پري ٻرندڙ اُگهيءَ کي
ڏسي سگهي ٿو، اهڙي طرح سمت ستگورو مالڪ جي
ڪوجيءَ کي وڃي ملي ٿو ٻا هنڪي ڪڏهن نه ڪڏهن نموني
ٻاڻ وٽ چڪي ٿو وٺي، ٻلي اهڙو جگياسو هن ڪان
ڪيترو نه پري چونه هجي!

اسان عام ٻڌو آهي ته جڏهن چيلو ليار ٿئي ٿو تڏهن
گرو نه اچيو رسي ۽ آهي ٻه ائين. اها ليار ي اُن وقت
قلداڪ ٿئي ٿي جڏهن اسين بخوبي محسوس ڪيون
ٿا ته اسانجي اندر ڪا اهڙي الوڪڪ شڪتي آهي ج
عقل ۽ ٻڌيءَ جي دائري کان مٿي آهي. جڏهن اسين
حليم ۽ عاجز ٿي پنهنجو ٻاڻ انهيءَ اوچي روحاني شڪتي
کي ارپڻ ڪريون ٿا، تڏهن سوجهي پوي ٿي ته هي
دنيا موهه ۽ مايا جي جار آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ ٿي سچ
جي پراپتيءَ جي لهر لمدا جاڳرت ٿئي ٿي ۽ ستگرو
ملي ٿو. گرو اسانکي نام دان ڏئي، شبد سان جوڙي
پنهنجي نج ڌام پهچائي ٿو ۽ اهو روحاني سفر اسانکي
هيئر ۽ هن حياتيءَ ۾ طئہ ڪرڻ کپي چاڪاڻ جو اه
ٻالرا صرف مَنش ديهه ۾ ئي طئہ ٿي سگهي ٿي.

٢- سچو گرو تياڳي يا گرهستي هوندو آهي پر گرهستيءَ جي حالت ۾ گرو گدي سنڀالڻ کانپوءِ برهمچرج پالن ڪندو آهي. هو پنهنجي نارن ٻين جي دک پال ڪندو آهي پر اسان سنساري ماڻهن وانگر انهن جي موه ۾ ڦاٿل نه هوندو آهي يعني هو سنسار ۾ رهندي به لاتعلق هوندو آهي.

٣- هن جو دروازو امير ۽ غريب ٻنهي لاءِ کليل رهي ٿو ۽ هو سڀني جي سوالن ۽ شڪاين کي تحمل ۽ پريم سان ٻڌي انهنجو سمادان ڪري ٿو. هنجي شخصيت پرڀاوشالي هوندي به نمرتا سان ڀرپور هوندي آهي. هو سماج جي اوچ توڙي نيچ سڀني قسمن جي ماڻهن سان ملي جلي ٿو. هنجي سادي، پوتر ۽ اُتم زندگي ٻين لاءِ اوچ آدرش پيش ڪري ٿو.

٤- سچو گرو پنهنجي محنت سان روزي ڪمائي پنهنجو ڪٽنب پالي ٿو ۽ ڪڏهن به ٻين جي مدد جي آسري نٿو رهي. گرو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا:-

”گرو پير سدائي منگڻ جائي،
تاکي مول نه لاگو پائي،
گهال کاءِ ڪڇ هٿهُون دي،
نانڪ راه پڇاڻي سي.“

(سارنگ کي وار محله ٤، ١٧-١٢٤٥)

(جيڪو پاڻ کي گرو يا پير سڏائي ٻين کان ڀکيا وٺي

سگهندو. اهڙو ڪامل فقير روحاني راه جو پاڙيءَ پانـ
واقف هوندو آهي ۽ پنهنجي شرڻاگت جيون کي آخرـ
منزل تائين پهچائڻ جي شڪتي رکندو آهي. هو پنهنجيـ
آتمڪ درشٽيءَ ذريعي ڄاڻي ٿو تہ اهو مڪتيءَ جـ
سهائڪ ڪنهن جي الامت ۾ لکيل آهي.

هاڻي سوال اٿي ٿو تہ اهڙي پورن گروءَ کيـ
ڪيئن سڃاڻجي؟

١- اسان وانگر هو بہ هڪ ديهہ ڌاري منش هوندـ
آهي ۽ پرڪرتيءَ جي سڀني نيمن جو پالن ڪندو آهيـ
هن سنسار ۾ هو بہ اسان ماڻهن وانگر جنم وٺندو آهي
جنهن بہ ديش ۾ هو رهي ٿو، اُتي جي رواجن ۽ قانوـ
کي مڃي ٿو. هنجو لباس سادو سودو ۽ سندر هوندـ
آهي، جنهن ڏانهن سادارڻ طور ٻين جو ڌيان نٿو ڇڪجيـ
ان هوندي بہ هنجي موهيندڙ شخصيت، اسيم ديا مهـ
آتمڪ تيج ۽ ڪشش ڪندڙ سروپ جي ڪارڻ، جيڪـ
بہ هنجي لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو تنهن تي ڪافي پرڀاءُ پوـ
ٿو. هو جيتوڻيڪ هڪ سادارڻ منش آهي تہ بہ الڳندـ
آهي اساڌارڻ. هنجي موجودگيءَ ۾ سدائين شانتي ۽ـ
۽ آنند جون لهرون اٿنديون رهن ٿيون. پرمارٿـ
شائق تہ هنجو انوکو سروپ ڏسي مست موهت ٿـ
پوندا آهن ۽ دل چوندي اٿن تہ ديدار ڪندو ٿـ
رهجي ۽ اهين سمجهندا آهن تہ جنهن وستو جي هنـ
گهڻي عرصي کان تلاش هئي سان ملي اٿن.

ڪيو آهي، انهيءَ جو ذڪر هو اُپديش ڪري ٿو. بائيبل ۾ لکيل آهي:—

"Verily, verily, I say unto thee, we speak that we do know, and testify that we have seen; and ye receive not our witness. If I have told you earthly things and ye believe not, how shall ye believe if I told you of heavenly things?"

(St. John iii, 11-12)

ارٿات: "سچ پچ مان توکي اهو ڪجھ چوان ٿو جو مان ڄاڻان ٿو ۽ جو مون خود ڏٺو آهي. پوءِ به تون مهنجي وچن تي وشواس نٿو رکين. جڏهن مان توکي دنيوي ڳالهين جي باري ۾ چوان ٿو ۽ تون اُن تي ڀروسو نٿو رکين ته پوءِ مهنجي آڌياتمڪ وچن تي تون ڪيئن وشواس رکندين؟"

٩- هو اسانجي انتر آتما جي جاڳرتي آڻي ٿو ۽ جن جي اندر اها جاڳرتي اچي چڪي آهي انهن جي روحاني راهه ۾ صحيح رهنمائي ۽ سهايتا ڪري ٿو.

"For what is a man profited, if he shall gain the whole world, and lose his own soul?"

(St. Matthew xvi 26)

يعني جيڪڏهن انسان ساري دنيا جي بادشاهي به ڪٺي حاصل ڪري ته ڇا ورتو جيڪڏهن هن پنهنجي آتما جو ڪلياڻ نه ڪيو؟

١٠- هو سدت مت جو پورو ماهر ٿيندو آهي، پورن

ٿو، تنهنجي ٻين تي مٺو ٿي نه ٻيڪيو. اهو مهاتما جو
پاڻ ڪمائي ٿو، ۽ ڪجھ ساڌ سنگت جي شيوا ۾ خر
ڪري ٿو، سو ئي روحاني راهه جو واقف ڪار ٿئي ٿو

٥- جهڙي طرح هوا، پاڻي ۽ روشني، پرڪرتيءَ جو
نعمتون مفت آهن، اهڙي طرح سچو گرو به پنهنجي
اُپديش ۽ شيوا لاءِ ڪو به اُجورو نٿو وٺي. هو پنهنجي
شش مان ڪنهن به ڀيٽا جي آشا نٿو رکي پاڪ پنهنجي
ڪيل پراُپڪار جو ذڪر به نٿو ڪري. حقيقت ۾ سچ
گرو داتا ٿيندو آهي، نه ڪ منگتو.

٦- هو سڀني جگياسن کي سمان دِرشٽيءَ سان ڏ
ٿو، پاپي هو ڪٿي ڪنهن به جاتي، ڌرم يا ديش ج
هجن. هنجو اُپديش به سڀني لاءِ هڪجهڙو ٿئي ٿو.

٧- اهڙو گرو پنهنجي خانگي ڪمن ۾ ڪو به د
نٿو ڏئي ۽ نه اهڙن ڳالهين کي ڄاڻڻ جي ڪوش
ڪري ٿو. عام طور اسانجي نظر ٻاهرئين روپ رنگ
ڏانهن ويندي آهي پر ڪامل فقير جي نگاهه من ۽ د
تي رهندي آهي. هو ڄاڻي ڄاڻهار هوندي به اسانج
اڪل ويچارن ۽ پاپن جي مٿان پردو نٿو ڪڍي.

٨- سچو گرو پورن گياني ٿئي ٿو ۽ ڪال مالڪ
نه صرف ميلاپ ڪيو اٿس پر اسان کي به هن
ملائي سگهي ٿو. هو روحاني راهه جو مڪمل ط
واقفڪار آهي ۽ جيڪي ڪجھ هن اندر دوارن پرا

دشمن اسانکي آزاد ڪال کان گهيري ويٺو آهي. صرف
شبد ابڀياس دوارا ئي انهن کي وڃي پراپت ڪري
سگهجي ٿي. وڏي نيٺي سکيا جي اصولن کي هلائي نيڪ
زندگي گذارڻ جڳ نانڪ جي مٿان رکيل وجهڻي آهي.
جڏهن وشيه وڪارن ۾ ڪرمن جي آنڌي اچي ٿي تڏ
رکيل انڌاميو وڃي ۾ نانڪ ونيو ٻڏڪن ارٿات ساڌڪ
انهن پنجن وڪارن جو وڏي شڪار ٿيو پوي. شبد جو
ابڀياس آهي انهيءَ آگ جي مٿان پاڻي ڇنڪارڻ، جو
آگهيءَ کي شانت ڪيو ڇڏي.

١٣- پورو ستگورو ڪڏهن به پنهنجي مشهوريءَ لاءِ
ڪرامت نه ڏيکاريندو آهي پر جڏهن پرڪار هو پنهنجن
شش جي سهائتا ۾ سنڀال هن دنيا ۾ ڪري ٿو ۽ سندن
آتمائن کي ڪال جي پنجي مان ڇڏائي ۾ شبد سان جوڙي
پرماتما سان ملائي ٿو، سا سڀ کان وڏي ڪرامت آهي.
انهيءَ کي عام سنساري لوڪ نڪو سمجهي ٿا سگهن ۽
نڪو ان تي وشواس ئي ٿا ڪن.

١٤- سچو گرو پنهنجي شيوڪ جي هٿ رهنمائي
ڪري ٿو، نوري سروپ ۾ هن جي اندر موجود رهي
اندران روحاني راهه طئه ڪرائي ٿو ۽ انت وقت اوس
اچي هن جي سنڀال ڪري ٿو.

وشواس سان اُپديش ڪندو آهي ۽ اندر جي پرڪاش
مارگ، جنهن آتما کي سفر ڪري پرماتما جو درشن
ميلاپ ٿئي ٿو، انهيءَ جي ليلا کان بخوبي واقف
هوندو آهي. پورو گورو شبد سروپي ۽ شبد ابياسي
هوندو آهي ۽ سرت شبد يوگ جي سکيا ڏيندو آهي
هو شبد يا نام روپي خزاني جو خزانچي آهي ۽ انهي
جو پيغام سنسار کي ڏئي ٿو. شبد ئي گورو آهي
شبد ئي اُپديش آهي ۽ شبد ئي مارگ آهي.

"And the Word was made flesh, and dwelt among
s. full of grace and truth"

(Lt. Jhon i, 14)

(شبد ديهه ڌارڻ ڪئي ۽ دنيا ۾ ستيه سان پر
اسانجي وچ ۾ رهيو.)

١١- سنتن ۽ ڪامل فقيرن، جن من ۽ مايا جي حدن ک
پار ڪري پرپورڻ کي پاتو تن سڀني ڪيول نام يا ش
کي ئي پرم پراپتيءَ جو سادن ڪري سمجهايو.

١٢- مختلف ڌرمن ۾ جيڪي سداچار جا نيم ڏ
آهن، تن جي پالن کي سچو گورو به مهتو ڏئي ٿو چاڪ
ته نيڪ پاڪ زندگي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ اهم ضرور
آهي. سچي، صاف ۽ نرمل رهڻيءَ وارو ئي شبد
کي پڪڙي سگهندو ۽ شبد ڌن جي ابياس ۾ پو
جي سڌانتن جو پوري طرح پالڻ ڪرڻ مشڪل آه
ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار انهن

سي اپاءَ آهن ۽ جيڪي سچيت ٿي انهيءَ الاهي آواز
کي ٻڌن ٿا سي سائين ۾ سمائجن ٿا.

هڪ مسلمان ڪامل فقير مغربي صاحب فرمائي ٿو،
”جنهنجو پريتم جنهنجي اندر آهي پر تون انهيءَ کان
بيخبر آهين ۽ انهيءَ ڪري هنجي تلاش ۾ در بدر
ڀٽڪي رهيو آهين.“ جنهن کي سجدو ڪرڻو آهي سو
جڏهن اسانجي اندر موجود آهي ته پوءِ مندرن مسجدن
۾ انهيءَ کي ڳولڻ بيڪار آهي. عام لوڪ ته رام استانن
۾ متو ٽيڪين ٿا پر گيانوان پرش خدا جي تلاش پنهنجي
وجود روُپي مسجد ۾ ڪن ٿا.

تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪهڙي نه افسوس
جي ڳالهه آهي ته انسان جو پاڻ قدرتي مسجد جو ساڪن
(رهواسي) آهي سو نقلي مندرن ۽ مسجدن ۾ ڀٽڪي
رهيو آهي!

”نقلي مندر مسجدن ۾ جاءِ صد افسوس هئہ،
قدرتي مسجد ڪا ساڪن دکه اُناني ڪي ليئي.“

پيپا صاحب جن انهيءَ ٿي نقطي کي کولي سمجهائين
ٿا ته سڄو برهمانڊ انسان جي شرير اندر آهي ۽ جيڪو
اندر ڳولهيندو سو ٿي پائيندو.

”جو برهمنڊي سوئي پنڊي جو کوجي سو پائي.“

صاف ظاهر آهي ته سنتن مهاتمائن جي انهن وچن
جو اصلي ارٿ اسين عام لوڪ نٿا سمجهون. اسانجو

## ۴- پرماتما جو مندر

اهڙي ڪهڙي پرليوگ شالا (Laboratory) آهي جنهن
۾ سنتن جي هن سائنس جو تجربو ٿي سگهي ٿو؟
اها پرليوگ شالا آهي انسان جو شرير، جو ٿي پرماتما
جو سچو مندر آهي.

جن ماڻهن جا اندريان نيترا بند آهن، سي ٿي باهريان
مندرن، مسجدن، گرجن ۽ گردوارن ۾ پوڄا ڪن ٿا
پر جن جو اهو ڪليو آهي سي مٿش شرير کي ٿي سچ
مندر، مسجد سمجهن ٿا ۽ انهيءَ ۾ کوج ڪري پرماتما کي پائين
ٿا. بائيبل ۾ لکيل آهي:—

"Ye are the temple of the living God"
(2 Cor. vi. 16)

(ٿون زنده پرماتما جو مندر آهين.)

گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:—

"اُچي خاصي محل دي ديوي بانگ خدائي
سڻي بانگ نه سڻ سڪي، رهيا خدا جڳائي
سڻي پئي نياگ سب سڻي نه بانگان ڪوئي
جو جاڳي سوئي لهي سائين سندي سوئي

ارٿات: خدا انسان جي شرير روپي مسجد ۾ باڻ
پيو ڏئي پر جيڪي اگيان جي ننڊ ۾ ستل آهن،
انهيءَ بانگ کي نٿا ٻڌن جيترو ڪه خدا ته جاڳائي
اهڙا جيو جي انهيءَ آواز يعني انحد شبد کي نٿا ٻ

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان آسان طريقو آهي سمرن، ڇاڪاڻ ته سمرن جي عادت قدرتي هرهڪ انسان ۾ آهي. جڏهن سمرن ذريعي خيال سنسار مان هٽي ٻنهي نيترن جي وچ ۾ ٽڪي ٿو، تڏهن ساڌڪ جو شرير سان تعلق ٽٽڻ لڳي ٿو ۽ جڏهن چيتن ستا سڄي شرير مان هٽي ٿي ته پوءِ ستسنگي نون دوارن جون حدون طئه ڪري اندر داخل ٿئي ٿو جتي ٽيسري تل ۾ هڪ گروءَ جي نوري سروپ جو درشن ٿئي ٿو. اهو سروپ ستگرو هرهڪ شش جي اندر دکشا (Initiation) جي وقت رکي ٿو. سمرن اسانکي انهيءَ کان وڌيڪ مٿي، چڙهائيءَ ۾ سهايتا نٿو ڪري.

مولانا روم صاحب فرمائي ٿو:-

"اي ساڌڪ! هن استول شرير کانسواءِ توکي ٻيو به سوکيم شرير آهي. تنهنڪري هن جڙ شرير مان نڪرڻ کان نه گهبراءِ."

شمش تبريز جو ڪلام آهي:-

"جڏهن تون پنهنجو منهن هن سنسار کان موڙي اندر وينديئن ته تون لامڪان جي حد پار ڪري انهين دنيا ۾ داخل ٿيندين."

قرآن شريف ۾ به فرمايل آهي:-

"موتو آقبل انتا موتو."

يعني مرڻ کان اڳ ۾ مر.

شرير هڪ عجيب محل آهي، جيڪي سرشٽيءَ جو هڪ
ننڍڙو روپ آهي. انهيءَ ڪري مهاتمائن برهمانڊ کي
”عالم ڪبير“ ڪري سڏيو آهي ۽ انساني شرير کي
”عالم صغير.“ ”عالم ڪبير“ کي صرف ”عالم صغير“
دوارا ئي سمجهي ۽ پائي سگهجي ٿو. ابياس دوارا
شرير جي نون دوارن جي حدن کي ڇڏي، ساڌڪ نوا
۽ سوکشم لوڪ ڏسي ٿو ۽ آتم گيان جو انوڀو ڪرا
حاصل ڪري ٿو ۽ آخر وڃي ڪل مالڪ ۾ سمائجي ٿو
جنهن هيءَ سڀ رچنا رچي آهي.

## ۵- پنهنجي اندر جوتي ڪيئن پائجي؟

انهيءَ شرير روپي مندر ۾ پرويش ڪيئن ڪجي
اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن وراڳيءَ کي اڪ
ڪري خيال کي شبد سان جوڙبو. اهو شبد هر هڪ
انسان جي اندر هر وقت گونجي رهيو آهي.
جيڪڏهن سنتن جي آديش انوسار نام جي ڪما
ڪجي ته من سنسار جي وشين وڪارن، جهنجهٽن
چنتائن کان آزاد ٿي، مٿين روحاني منڊلن جو سير ڪ
سگهندو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسين شرير روپي
مندر ۾ داخل ٿي هن استول سنسار جي حدن کي
ڪراون.

شوق، لگن ۽ محنت تي منحصر آهي. نام جي ڪمائي گهر ٻار ۾ رهندي به جتي به ڪرم انوسار مالڪ رکي، اُتي ئي سگهي ٿي. انهيءَ ابياس لاءِ ڪنهن مٺ، آشرم، يا غفا جي ضرورت نه آهي ۽ نڪو سنياسي ڀيکڻ جي. شبد جو ابياس اَمير غريب، ننڍو وڏو، ڪنهن به ذات يا قوم جو ماڻهو، ڪري سگهي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪلجڳ جي حالتن مطابق انهيءَ کان وڌيڪ سرل ۽ ڪارگر ٻيو ڪو به ساڌن ڪونهي.

جيڪڏهن اسين سنتن جي هن مارگ کي سمجهي اَپنائينداسين ته اسان لاءِ روحاني دولت جو هڪ اَپار ڀنڊار کلي سگهي ٿو. نام جي ڪمائي ڪرڻ سان اسانکي نه صرف پنهنجي، بلڪ ٻين جي به ڄاڻ پوي ٿي ۽ پوءِ ئي اسانکي پتو پوي ٿو ته ٻين جي بابت ۾ راءِ ڏيڻ يا هنن جي اعمالن تي نڪته‌چيني ڪرڻ جو اسانکي ڪو به حق ڪونهي. سنتن جي شرڻ وٺي ساڌنا ڪرڻ کانپوءِ ئي جگياسو محسوس ڪري ٿو ته هن سنسار ۾ اهڙو ته سوارٿ ڀريل آهي جو نام ۽ گروءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به مِتر ڪونهي. هو انهيءَ کانپوءِ ئي پنهنجي گناهن جو پڇتاءُ ڪري نياز ۽ نمرتا ڌارڻ ڪري ٿو.

گرو نانڪ صاحب جي باڻي آهي:-

مٺيان جت ڪر جائيئي.
تت جيوندياں مر مار.
(سري راڳ محلا ١، ٣- ٢

اهڙي جتي موت کان پوءِ وڃڻو آهي اتي جيئرائي…
مري پهچ.

جڏهن جگياسو ابياس ڪري اندر وڃي ٿو ته ڏه…
انکي گرو جي دئيا، شانتي ۽ شڪتي جي سوجه…
پوي ٿي. پوءِ هنجو وشواس من ۾ ڏي جي سهار…
نه، بلڪ انهيءَ جي پڪي پڪڙ ٿي اڏول رهي ٿو.

هر ڪو پنهنجي ڪم ڪار ۽ گهر بار جي باري ۾ …
سوچي ۽ من ۾ پيو انهنجو سمرن ڪري. سنت مها…
انهيءَ قدرتي هير جو فائدو وٺي اسانجي وڏي انترم…
ڪرڻ لاءِ اسانکي نام جي سمرن ڪرڻ جي هدايت ڪن…

نام ڏيڻ وقت ستگرو پنهنجي شش کي سمرن …
جڳتي چڱيءَ طرح سمجهائيندو آهي. سمرن هڪ سياو…
سرل ۽ سرلشت سادن آهي ۽ ڪنهن به خطري…
خالي آهي. پراڻا ڪانسواءِ ٿي سمرن سهج سڀاءِ…
سکهي ٿو ۽ انهيءَ ڪري جپ تپ ۽ هٺ يوگ
ڪٺن سادن جي ضرورت نٿي رهي.

سمرن دوارا ٿو دوار طئي ڪري شونيتر ڏائين…
۾ مهنا، سال، يا سڄي زندگي لڳي سکهي ٿي. اهو اسا…

"The grass withereth, the flower fadeth; but the Word of our God shall stand for ever."

(Isaish xi, 8)

"آد ۾ شبد هو ۽ شبد پرماتما وٽ هو ۽ شبد ئي پرماتما هو."

"گاهه سُڪي ٿو وڃي، گل ڪومائجي ٿو وڃي پر پرماتما جو شبد سدائين امر رهندو."

انهيءَ شبد کي ئي بائيبل ۾ "Holy Spirit" يعني "پوتر آتما" سڏيو ويو آهي ۽ انهيءَ شبد ڌن کي پڪڙڻ سان انترمک روحاني اُنتي ممڪن آهي.

شاهه نياز جو ڪلام آهي، "سڄي عالم ۾ اهو اِلاهي آواز گونجي رهيو آهي، انهيءَ کي ٻڌڻ لاءِ اندر جا ڪن کول. جڏهن تون انهيءَ کي ٻڌندين ته تون مَن ۽ مايا جي حدن کي پار ڪري ويندين. تنهنجو پريتم هر وقت توسان رهاڻ پيو ڪري پر افسوس تون هن جي گفتار نٿو ٻڌين."

شبد جو ذڪر گهڻو ڪري سڀني ڌرم پستڪن ۾ آهي. فرق صرف اهو آهي ته جنهن مهاتما جي جيتري مٿين منڊلن ۾ رسائي هئي اوترو ئي هن انهيءَ باري ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ انهيءَ جو پتو سندس ٻاڻيءَ يا وچنن مان پوي ٿو.

جنهن وقت پورو گرو نام ڏئي ٿو، تنهن وقت هو پنهنجي شش کي شبد سان جوڙي ٿو ۽ هڪڙي شبد ڌُن

## ٦- نام يا شبد جي ڌُن

سڀني ڌرم پستڪن ۾ نام يا شبد ڌن جو ذڪر ٿ
آهي ليڪن افسوس آهي جو اسين انهيءَ جو صحيح
ارٿ نٿا سمجهون. هندو انهيءَ کي "انهد شبد
"آڪاش واڻي" يا "شرتي" ڪوٺين ٿا. چندوگيه
منڊڪ اُپنشدن ۾ انهيءَ کي "اُدگيت" سڏيو ويو آهي
ناد بندو اُپنشد ۾ ان شبد جي اڀياس جو اشارو آهي
سکن جي گرنٿ صاحب ۾ انهيءَ کي "نام" "ڌن
"سچ" "انهد" "باڻي" "گر باڻي" "شبد" آد
نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. مسلمان انهيءَ شڪتي
کي "ڪلمو" يا "ڪلام الاهي" "ندائي آسماني
"اسم اعظم" يا "سلطان الاذڪار" ڪوٺين ٿا. پراچ
يوناني فيلسوفن انهيءَ کي "Logos" ڪري ورنن ڪ
آهي. مهاتما سقراط لکي ٿو ته مون هڪ اهڙو غيبي آ
ٻڌو جو مونکي الوڪڪ روحاني منڊلن ۾ کڻي و
زرتشت انهيءَ کي "سروشا" ۽ ٿياسافيءَ وارا انـ
"Voice of Silence" ڪوٺين ٿا. انهيءَ کي "
نرمل سنگيت" ۽ "الاهي موج سان لڳندڙ هـو
ٻه ڪوٺيو ويو آهي.

"In the begining was the Word, and the word
with God, and the Word was God."

(St. John i, 1)

## ٧- نام دان لاءِ ڪجھ شرط

نام دان کان اڳ، ستگرو ڪي شرط وجهي ٿو جن
کي روحاني ترقيءَ لاءِ نباهڻ بلڪل ضروري آهي.

١. نيڪ ۽ پاڪ زندگي وليت ڪرڻ.

"Blessed are the pure in heart for they shall see God." (St. Metthew v. 8)

"Ibe integrity of the upright shall guide them" (Prov. xi. 3)

يعني "اهي لوڪ ڌن آهن جن جو هردو شڌ آهي
ڇاڪاڻ ته اهيئي مالڪ جو مشاهدو ماڻيندا."
"نيڪ ماڻهن جي نيڪي ئي هنن جي رهنمائي
ڪندي."

٢. ماس، مڇي، آنڊا يا انهن مان ٺهيل شين جو
استعمال نه ڪرڻ.

٣. شراب ۽ ٻين نشيدار شين کان بچڻ.

اهي شرط شش جي انتيءَ جي خيال کان لڳايا ويندا
آهن ڇاڪاڻ ته "جهڙو کائبو اَن تهڙو ٿيندو مَن."
ماس کائڻ معنيٰ ڪنهن جيو جي هنسا ڪرڻ. ٿنهن
ڪري انهيءَ مان من جي ڪٺورتا وڌي ٿي ۽ انهيءَ
پاپ جي سزا به ڀوڳڻي پوي ٿي. ٻين شين جي ترقيءَ
۾ اهي ٿامسڪ شيون ڀاري رڪاوٽ وجهن ٿيون.
سر جهڙ آنڊا (Fertile eggs) کائڻ ۾ جيو هتيا آهي ؛

ٻڌڻ جي شڪتي بخشي ٿو. جڳن جڳن ڪان اسين
چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦرڪي رهيا آهيون ۽ اگياني
اَنڌا ٻوڙي پنهنجي واٽ وڃائي ويٺا آهيون. نه اسانکي
ڀاڻ جي ڄاڻ آهي ۽ نه پرماتما جي ۽ شبد جي
سڙڪ ڪان اسين بلڪل بيخبر آهيون. جڏهن گرو دڪشا
ڏئي ٿو تڏهن اها حالت تبديل ٿئي ٿي ۽ اسين شبد
ڌن کي پڪڙي پنهنجي آپاڻهار سان ملي سگهون ٿا.

جڏهن ڀورا انهيءَ شبد ڌن کي ٻڌجي ٿو ته نهايت
ڌيمي ۽ پيارڪ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي پر آهستي
جيئن چت جي ايڪاگرتا وڌي ٿي تيئن اها ڌن وڌيڪ
صاف، بلند ۽ سريلي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

ليڪن افسوس انسان ديهه ۽ انجي واسنائن ۾ اٽڪ
ته ڦاسي ويو آهي جو هو شبد کي ٻڌي نٿو سگهي
ڀلي کڻي ڪو ڪهڙو نه چتر ۽ سياڻو هجي، پوري گرو
جي هدايت بنا شبد ٻڌڻ محال آهي. من ۽ مايا جي
طوفاني ساگر مان ڪڍي، پرلوڪ جي ڌام ۾ پهچائڻ جي
شڪتي صرف شبد ۾ آهي. گرو ۽ بنا شبد هٿ نه
ايندو ۽ شبد بنا مڪتي نه ٿيندي. اهو ئي سنت مت
جو سار آهي.

ٻين سمورن کي وقت ڏئي. اڀياس اهم ضروري آهي، چو ته، موجوده کانپوءِ جڏهن اسانجي ڪرمن جو حساب ڪتاب ڪڍيو ويندو تڏهن اسانجو ڪيل ٻين سمورن ئي اسانجي سهائتا ڪندو. نام جپ ڪمائيءَ دوارا ئي اسين سنسار جي موهه ۽ ممتا کي ڇڏي پنهنجي اندر جهاتي پائي سگهون ٿا.

هتي هڪڙو ڇتاءُ ڏيڻ ضروري آهي. هي منش چولو صرف پريو پراپتيءَ لاءِ مليو آهي ۽ پرماتما سان ملڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته اسين پنهنجي سڀني ڪرمن جو حساب چڪايون، من جي وڪارن تي وجئه پايون ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻون. تنهنڪري اهو ممڪن آهي ته نام وٺڻ کانپوءِ هڪ طرف ته من کي مونجهائيندڙ خيال ۽ ٻئي طرف سماج ۽ سمبنڌين جي مخالفت ۽ نندا، سنسڪريءَ جي رستي ۾ رڪاوٽون وجهن. پر انهن جو همت سان مقابلو ڪرڻ جڳائي. جي اسين اهو ياد رکنداسين ته همت سان اڀياس ڪرتي اسين آتم گيان، مڪتي ۽ پنهنجي منزل جي نزديڪ پهچي رهيا آهيون ۽ خاص طور جي من ۾ اهو وشواس هوندو ته ستگرو اسان سان انگ سنگ آهي، اسانکي دم دم ۾ جاچي رهيو آهي ۽ هر مصيبت ۾ اسين هن جي مدد لاءِ هٿ ڦهلائي سگهون ٿا ته پوءِ اسين سڀني تڪليفن کي سهي سگهنداسين پاڻ هر مخالفت ۽ مصيبت جو سامنا ڪنداسين.

ر جيو آنا (Imfertile eggs) به نامڪ کاڌو آهي جي
مان مَن جا وڪار وڌن ٿا. شراب ۽ تماڪ به ساڳ
جي سنجم ۾ وگهن وجهن ٿا، ۽ سنجم ۽ پرماوت
اُنتي نٿي ٿي سگهي.

پر زنده رهڻ لاءِ کاڌو کائڻ ضروري آهي. اَنا
دال، سبزي، ميوو، مکڻ، ونسپتي، تيل، کير ۽
مان ٺهيل شين کي صحيح ڍنگ سان ملائي کائڻ س
سوادي ۽ قوت بخش ڀوڄن ٺاهي سگهجي ٿو، جنهن
پروٽين، سٽپ، نشاستو، قدرتي نمڪ ۽ وٽامن ڪا
آنداز ۾ پراپت ٿيندا. چانهه، ڪافي ۽ ڪوڪو به ٿو
آنداز ۾ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

سبزي، ميوي وغيره ۾ به جيو آهي، انهيءَ ڪ
انهن شين ورتائڻ سان به ڪرم لڳي ٿو. ونسپتيءَ ۾ چاڪ
نه صرف هڪ نت پرڌان آهي تنهنڪري انهيءَ
پاپ گهٽ ۾ گهٽ آهي پر شبد سڀني پاپن کي
ڪرڻ واري شڪتي آهي. نت نيم شبد جي ڪم
ڪرڻ سان اهو معمولي قرض آسانيءَ سان لهي سگهي

هن استول منڊل ۾ چاڪاڻ نه جيو جي خو
جيو آهي تنهن ڪري سڀني مهاتمائن جو اُپديش
نه ڀوڄن اهڙو هجڻ کپي جو آتمڪ اُنتيءَ ۾ رڪ
نه وجهي.

گرو پنهنجي هرهڪ شش کي هدايت ڪندو
بلڪ هن مان اُميد رکندو آهي ته هو هر روز نت

## ٨- ڪرم

ڪرم لفظ جو سنسڪرت ارٿ آهي ڪم ڪرڻ. ڪرم جو سڌانت اهو آهي ته جهڙو ٻج اسين پوکي آيا آهيون، اهڙو ئي فصل اسين هينئر لڻي رهيا آهيون ۽ جهڙو ٻج پوکينداسين اهڙو فصل اڳتي ڪٽينداسين.

انهيءَ وگيان جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪرم ۽ پنر جنم انهيءَ سڌانت تي ٻڌل آهي ته اسانجا هن جنم جا انڀوا ۽ ڪارڻ اڳئين جنم جي حالتن جو نرنئه ڪن ٿا. اڄ اسين جيڪي به سٺي يا خراب حالت ۾ آهيون، اها اسانجي پرالبڌ جي چڱي يا بد ڪرمن جي ڪارڻ آهي. منش جنم اسانجي واسطي مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اَنمول موقعو آهي.

ڀلي ڪٿي ڪو ڀاڳيوادي چوي ته هي سنسار ڀاڳ جو ڏنل آهي پر انهيءَ ڳالهه ۾ سچائي نه آهي. ڀاڳيواد جو مطلب آهي سڀ ڪجهه قسمت جي حوالي ڪري ڪو به يتن نه ڪرڻ. پر جڏهن مٿي لکيو ويو آهي ته ڪرم جو مطلب آهي ڪارڻ ڪرڻ. اڄ جيڪي ڪجهه اسين آهيون سو اسانجي پورب ڪرمن جو نتيجو آهي ۽ اڳتي جيڪي ڪجهه اسين ٿيڻ چاهيون ٿا سو اسانجي موجوده حياتيءَ ۾ ڪيل ڪمن ۽ ڪوشش تي منحصر آهي. انهيءَ ڪري ڀاڳيواد جي ڪرمن جي سڌانت ۾ ڪا جڳهه ئي ڪانهي.

ڪبير صاحب فرمائين ٿا:—

"ساڌ ڪا کيل تو ٻڪٽ بيڙا مٿي،
ستي اور سورڪي چال آگي.
سور گهمسان هئي پلڪ دو چار ڪا،
ستي گهمسان پل ايڪ لاڳي.
ساڌ سنگرام هئي رئن دن جوجهنا،
ديهه پر جنت ڪا ڪام ڀائي.
ڪبير ٽڪ باڳ ڍيلي ڪري،
الٽ من گگن سي جمي آئي."

ارٿات - جڏهن سورهيه جنگ جي ميدان ۾ اچي
۽ ڪانئر ڀڙ ڀاڻ ٻهر ڪري ڀڄي ٿو. ستيءَ جي ڪو ج
جي لڙائي، ستيءَ ۽ سورهيه جي لڙائيءَ کان وڌيڪ ل
۽ ڪٺن آهي. سورهيه ته ڪجهه گهڙين لاءِ لڙي ٿو ۽ س
ڪجهه پلن ۾ ٿي ڄاڻي ڀسم ٿي وڃي ٿي. ليڪن ساڌ
جو سنگرام ڏينهن، ماهه، لوڪ لاڄ ۾ نندا آديءَ سان ر
ڏينهن جاري رهي ٿو يعني جيستائين هو جيئي
تيستائين هنجي لڙائي بند نٿي ٿئي.

جو آهي. نيڪ يا بد ڪرم ڪرڻ انسان جي اختيار
آهي ليڪن هڪ دفعي جڏهن ڪرم ڪجي ٿو ته ان
جو نتيجو ضرور ڀوڳڻو پوي ٿو.

اسانجا پورب جنم جا ڪرم پرالبڌ جي روپ ۾
اسانجي موجوده زندگيءَ جي بڻاوت کي ٺاهين ٿا ۽
اسانجي اندر اهڙيون لاڙائون ۽ واسنائون پيدا ڪن ٿا،
جنکي پوري ڪرڻ لاءِ اسين اهڙا ڪرم ڪريون ٿا جي
جيتوڻيڪ اسانجي مرضيءَ خلاف هوندا آهن ته به ڪرڻا
پوندا آهن ڇاڪاڻ ته انهيءَ پرڪار ئي پورب ڪرمن
جو حساب ڪتاب ادا ٿئي ٿو. پنهنجي ڪيل ڪرمن جو
نتيجو ڀوڳيندي به اسين انهيءَ ڏس ۾ آزاد آهيون ته
اڳتي لاءِ ڪهڙي ڪرم جو ٻج پوکيون. پر پرالبڌ ۽ ڪرمان
ڪرم پاڻ ۾ اهڙا ته جڙيل آهن جو سڌن پڇاڻ ڪرڻ
ڏکي آهي ۽ صرف ابهياس دوران جڏهن اندرڪ جاڳرتي
ٿئي ٿي تڏهن ئي انهيءَ ڀيد جي سوجهي پوي ٿي.
انهيءَ هوندي به پنهنجي قسمت جي ڪرمن جي، هن طرح
ڪچ پرک، ٿي سگهي ٿي ته جڏهن بنا چاهي ۽ ڪنهن
به ڪوشش ڪرڻ ڪانسواءِ اسانکي سهج سڀاءَ ڪا چيز
ملي ته سمجهڻ کپي ته اهو پورب جنم جو ڦل آهي ۽
جنهن لاءِ اسانکي جتن ڪرڻو پوي ٿو سو نئون ڪرمان
ڪرم آهي.

ڪرمن جي ٽئين قسم کي "سنچت ڪرم" چئجي
ٿو. جهڙي طرح هاري پنهنجي فصل تي گذارو ڪندو

ڪرمن جي قانون کي جاچڻ سان پتو پوي ٿو ته پرالبڌ جي ڪارڻ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان مان اسين ان قسمن جو لاڀ وٺي سگهون ٿا:—

١. اسين پنهنجي سک دک جي اثر مان فائدو وٺي پنهنجين ڪمزورين کي هٽائيون.

٢. جيڪڏهن اسين اڄ ڌنوان ۽ سکي آهيون ته ڏکين ۾ ديا ۽ نمرتا ڌارڻ ڪرڻ چاهيون ته من ۾ اهو سوچڻ کپي ته جي هينئر ڪو برو ڪرم ڪيوسين ته اڳتي هلي انهيءَ جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو ۽ اهو وچاري، پنهنجي لاڀ ناداني وچان دکن جو سامان ڪٺو نه ڪريون.

اسانجي سنساري پدارٿن ۽ سکن جي پويان ڊوڙ ڪ اسانکي اڻترو ته سمجهائي ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي پاڪ اڻترو نبل ۽ محدود ڪري ڇڏيو آهي جو ڪڏهن وهي وچاريون نٿا ته اسين هن سنسار ۾ ڇو ۽ ڪيئن آيا سين؟ ڪرمن جو سلسلو نهايت پيچيدو آهي ۽ صرف جاڳرت ۽ چيتن آتمائون ئي انهيءَ کي ڏسي ۽ سمجهي سگهن ٿيون.

ڪرم ٽن قسمن جا آهن، ڪريمان، پرالبڌ ۽ سنچت. ڪرم ڪرڻ آهي ٻج ڇٽڻ. ڪسان جهڙو ڇاهي اهڙو ٻج ڇٽي سگهي ٿو پر هڪواري ٻج پوکڻ کانپوءِ هن جو ڪو اختيار نٿو رهي. سمي انوسار هن کي پنهنجي اڳاڙل فصل کي لڻڻو ئي پوندو. اهوئي حال ڪرمن وٽي ٻج

ڇا ڪرمن جي انهيءَ مهاجار مان نڪرڻ جو ڪو رستو به آهي؟ ضرور آهي.

سوامي جي مهاراج جن اُپديش ڪن ٿا ته سچو گرو ۽ شبد ئي تنهنجا سچا متر آهن انهيءَ ڪري تون پنهنجا ساڌن ڇڏي پاڻ کي انهن جي سپرد ڪر.

"گرو اور شبد يهي دوئو ميت،
نهي ڪوئي اور ان ڌر چيت."

(سوامي جي مهاراج)

گرو ۽ شبد ٻئي دئال جو سروپ آهن ۽ جيو آتمائن کي ڪرمن جي جار مان ڪڍڻ لاءِ ستلوڪ مان اچن ٿا. جيڪڏهن اسين انهن جي سرڻ وٺنداسين، انهن سان پريم ڪنداسين ۽ سندن حڪم جي پوئواري ڪنداسين ته هو اسان کي ڪرمن جي قيد مان آزاد ڪري ڪال جي دائري کان مٿي ستلوڪ وٺي ويندا.

جڏهن جگياسوءَ کي ستگرو دئا ڪري سوڪار ڪري ٿو ۽ نام دان بخشي ٿو ته هن کي جڳائي ته پنهنجو تن ۽ من ستگروءَ جي امانت سمجهي ورتي. ائين ڪرڻ سان هنجا سڀ ڪارج گروءَ جي نمت ٿيندا ۽ ٿوري ٿوري نرموهي ٿي ڪم ڪرڻ هنجو سهج سڀاءَ ٿي پوندو. ان سان گڏوگڏ جيئن جيئن هو ڀڄن سمرن کي وقت ڏيندو ويندو تيئن تيئن هنجي ورتي ايڪاگر ۽ انترمک ٿيندي ويندي ۽ هو نهڪرم ٿيندو ويندو. ڪرم ڪندي به هو ڪرم جي ڦل ۽ اثر کان نيارو رهندو.

آهي، جي اناج کپت کان وڌيڪ هوندو انس ۽ اوکيءَ وقت لاءِ ڪجهه پاسيرو ڪري رکندو آهي. اهو مثال اسانجي ڪرمن سان ٺهڪي اچي ٿو. انسان جيڪي ڪرم زندگيءَ ۾ ڪري ٿو تن مان ڪجهه پرالبڌ جي روپ ۾ هن کي ايندڙ حياتيءَ ۾ ڀوڳايا وڃن ٿا ۽ باقي بچيل سنچت ڪرمن جي حساب ۾ جوڙيا وڃن ٿا. ڪال ڀڳوان اهو سلسلو انهيءَ لاءِ ٺاهيو آهي ته جي ڪنهن به وقت جيو جا ڪريامان ۽ پرالبڌ ڪرم ختم ٿي وڃن (جو قريب ناممڪن آهي) ته سنچت ڪرمن جي ڀنڊار مان ڪرم ڪڍي هڪ جنم ڏنو وڃي جيئن آتما ڪنهن به صورت ۾ سندس دائري کان نڪري نه وڃي.

اهو ڪرمن جو صرف مختصر ورڻن آهي پر حقيقت ۾ اها ڄار اهڙي پيچيدي آهي جنهن ۾ سنسار جا سڀ جيو ڦاٿا پيا آهن ۽ جنهن مان ڇوٽڪارو پائڻ محال آهي. اسين عام طور جيڪي ساڌن مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪريون ٿا، سي اسانکي ڪرمن جي ڄار مان نجات نه ڏئي سگهن. گرنٿ پوٿين جو پڙهڻ، ڪيرتن، مورتي پوڄا، ڪرم ڌرم، جپ تپ، تيرٿ ياترا، دان پن اهي سڀ نيڪ ڪرم آهن پر ڪرمن جي بندن کان آزاد نٿا ڪري سگهن. انهن نيڪ ڪرمن جو ڦل وٺڻ لاءِ دنيا ۾ وري اچڻو پوي ٿو ۽ جي سرڳ ۽ وئڪنٺ ملي به ڪٿي، ته به معياد پڄاڻان وري واپس دنيا ۾ جنم وٺڻو پوندو.

ڪنول ۾ پهچي ٿو ته اتي هن کي پنهنجي ستگروءَ جو
روپ درشن ٿئي ٿو. پر اهو صرف انهن ممڪن آهي
جڏهن ڪنهن موجوده زنده مهاتما جي شرط وٺي
هنجي هدايت انوسار شبد جي ڪمائي ڪبي. اهڙي
مهاتما کي اسين ڏسي سگهون ٿا ۽ سالس دکي دور
اوري سگهون ٿا ۽ جڏهن ستسنگي گوروءَ کي پنهنجي
اندر پرگهٽ ڪري ٿو ته پوءِ هو سالس سڀ روحاني
سفر ۾ انگ سنگ رهي ٿو ۽ جسماني پنهنجي شش
کي ذر ذام لتو پهچائي ٽيستائين دم نٿو پٽي.

پوري گوروءَ جي شش لاءِ موت جو پڙ ڀلڪل نٿو
رهي ڇو ته هو جڏهن ايهاس دوارن شرير خالي ڪري
ڙيا پد ۾ پهچي ٿو ته هو دراصل جيئري مري ٿو ۽
جنهن کي ته موت لي وڃڻ پائي ٿو.

پوري گروءَ جي هڪ ٻي به وشيشتا آهي. جڏهن
شيوڪ جو آخري وقت اچي ٿو ۽ جي ان وٽ سندس
من ۾ ڪا سنساري لچا ناهي ته ستگورو هنکي ٻيو جنم
نه ڏيندو. پنهنجي ديا سان هنکي مٿي ڪنهن منڊل لي
(جتي هو مناسب سمجهندو) وهاري پڄن سمرن ڪرائيندو.
اهڙي طرح جنم مرڻ کان بچي ستسنگي پنهنجي ستگروءَ
جي رهنمائيءَ ۾ روحاني سفر طئه ڪري ستپرش جي
دربار ۾ پهچي ٿو. مطلب ته سچي گروءَ جو شيوڪ نام
ملڻ کانپوءِ ڪڏهن به اڪيلو نٿو رهي. ستگرو هنجو نه
صرف هتي هلڪ پرلوڪ ۾ پڻ نگهبان رهي ٿو. گرو هڪ

اهڙو ٻرامي جڏهن پنهنجي جيون ساڌنا ختم ڪند
تڏهن هن جي پرالبڌ ۽ ان سان گڏ ختم ٿي ويندي
ڪو ۽ ڪريامان ڪرم هن جي اُترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهڻ
لاءِ رهندو ئي ڪونه.

جڏهن وقت سنت ستگورو شبد کي نام دان بخشي
ٿو، انهيءَ وقت هن جي ڪرمن جو ليکو ترمراه ڪان وٺ
پاڻ وٽ رکي ٿو. باقي وچ سنچت ڪرم بچن ٿا
جي مٿين منڊلن تي وڃي شبد ابهياس ڪرڻ سان خت
ٿي وڃن ٿا ۽ ستسنگي پنهنجي نج ڌام ۾ پهچي ٿو.

## ٩- ثابتي

هن ڪان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته هن آتمڪ وگ
جي سچائيءَ جي پرک، هرهڪ انسان ڪري سگهي
جن ثابتين جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي سي آهن:

١. هرڪو ساڌڪ ابياس ذريعي مٿين روحا
منڊلن جي رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو.

٢. ساڌنا دوران انحد شبد کي پنهنجي اندر ٻ
اپار آنند جو انڀو ڪري سگهي ٿو.

سڀ کان وڏو پرماڻ هي آهي ته جڏهن ساڌ
ابياس ڪري ٿو ن دوران مان خيال ڪيدي سهس

جو مثال اڳيان رکي اسين پرماڻي اُنتيءَ جي راهه ۾
قدم اڳتي وڌائي سگهون ٿا ڇاڪاڻ ته سڀني ڪامل
فقيرن جي سکيا ۾ سچائي موجود آهي پر عام دنيا جا
مت ۽ مذهب انسان جا ٺاهيل آهن، جن کي ماڻهن پنهنجي
سوارٿ ڪارڻ مهاتمائن جي اصلي تعليم کان خالي ڪري
ڇڏيو آهي. انهن مت متانترن جا بنياد رکندڙ مهاتما
اڄ موجود نه آهن، جي انهن ڌرمن جي سچائيءَ جي
تصديق ڪري سگهن. عام ڏٺو ويو آهي ته ڪمائي
وارن سنتن جي سکيا پرمن ۽ ڌارمڪ ڪرتين جي خلاف
ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري سندن وڃڻ کانپوءِ سوارٿي
لوڪ، انهيءَ جو اصلي روپ ئي بدلي ڇڏيندا آهن.
روحانيت جي ذاتي تجربي لاءِ ضروري آهي ته اسين
ڪنهن رسائيءَ واري مهاتما جي کوج ڪريون جنهن
مالڪ سان ميلاپ ڪيو هجي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي انيو
دوارن پروسي ۽ وشواس سان جڳتي ڏيئي، سهائتا ڪري
سگهي ٿو. موجوده گروءَ کان نام دان وٺڻ ۽ ڪنهن ڌرم
جي سڌانتن جي ٽيڪ وٺڻ ۾ اهوئي مکيه فرق آهي.

٢- ڇا مان ڪرائسٽ يا ڪنهن ٻئي ماضيءَ جي
مهاتما کي مڃيندي به، وقت جي ديهه ڌاري گروءَ جي
شرن وٺي سگهان ٿو؟

جواب- وقت جي گروءَ جي شرن وٺڻ سان ڪو
اسين ڪرائسٽ يا ڪنهن ٻئي پراچين مهاتما کي ڇڏيون
ڪونه ٿا. سنت مت انادي آهي ۽ حال، ماضيءَ ۽

اهڙو انوکو مت آهي جو جيڪڏهن شش ڪيس ڇڏي
ڏئي لڏهن ۽ هو شش کي نه ڇڏي.

”نانڪ ڪچڙيان سين توڙ،
ڍونڍي سڄڻ سنت پڪيان؛
اوءِ جيئو نديءَ وڇڙن،
اوءِ ميان نه جاهي ڇوڙ.“
(مارو محله ٥، ١١٠٢، ٣

انهن سڀني حقيقتن لاءِ اسانکي غور سان وڇا
ڪرڻ جڳائي. اهو هرهڪ انسان جي اختيار ۾ آهي
ڪامل فقير کان جڳتي، وٺي پنهنجي اندر ۾ پريو پرام جي
اکٽ پيدار کي پرگهٽ ڪري، سدا لاءِ سکي ۽ شانتي
ٿي سگهي.

مندرن ۽ گرجن جا گهنڊ اسانکي صرف ڪن مقرر
وقتن لئي سڏين ٿا پر اسانجي اندر وجندڙ انحد شبد
جي جهڪار اسانکي هردم واپس سڏي رهي آهي
افسوس! اسين اچيت انسان انهيءَ کي ٻڌڻ جي ڪوشش
ٿي نه ڪريون!

## ڪجهه سوال ۽ انهن جا جواب

١- ڇا سنگرره کان نام دان وٺڻ لاءِ پنهنجو ڌ
ڇڏڻو پوندو؟

جواب- نه. سڀئي مذهب ڌرمن جي بنياد ۾ هڪ
حقيقت سمايل آهي. ڪرانيمت لاءِ ٻئي ڪنهن مذ

ڏانسواءِ ٻيو ڪو سچو ڳرو ڪونهي؟ پشچمي ملڪن ۾
هن وقت ڪو ڳرو آهي؟

جواب - دنيا ۾ ساڳئي وقت هڪ کان وڌيڪ سمت ستگرو ٿي سگهن ٿا پر اهو ڪو لازمي نه آهي. ستگرو انهيءَ ديش ۾ پنهنجو ڪارج ڪيترو چونڊي ٿو جتي سڀ کان گهڻيون آتمائون نام لاءِ تيار هونديون آهن. ڀارت ورڳين جو ملڪ آهي ۽ اتي جو واءُ منڊل آتمڪ اُنتيءَ لاءِ موزون ۽ لاڀدائڪ آهي. انهيءَ ديش ۾ اهڙا لکين غريب انسان رهن ٿا جن جون سنساري اڇائون غريب نه جي برابر آهن. غريبيءَ ڪارڻ هو عيش عشرت ۾ پيسو نٿا خرچي سگهن ۽ گهڻو ڪري ماس نه کائيندا آهن. پشچمي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ هنن ۾ نمرتا وڌيڪ آهي ۽ دنيا کي فنا ۽ ناسونت سمجهڻ، هنن جي سڀاءَ ۾ آهي.

ڀارت ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ديش ۾ سمت ستگرو آهي يا نه، انهيءَ جو اسان کي پتو ناهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو هجي پر هن وقت اسين انهيءَ سمت ستگروءَ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جنهن کي اسان خود ڏٺو آهي ۽ جنهن جا عيوضي يورپ، آفريڪا ۽ امريڪا ۾ آهن، جن سان جگياسو ملي سگهن ٿا.

٥ - ڇا مان هن مت جا ڪتاب پڙهي سگهان ٿو ۽ پنهنجي شنڪائن کي نروت ڪرڻ لاءِ سوال پڇي سگهان ٿو؟

جواب - ها، توهين ڪتاب پڙهي سگهو ٿا ۽ وڏي

مستقبل ۾ سمان رهي ٿو ۽ رهندو.

گروهه جو اصلي روپ شبد آهي ۽ جنهن کي سمجهائڻ
ٻجهائڻ ۽ نام جو ڀيد ڏيڻ لاءِ هنڪي ديهه ۾ اُچٽو پوي
ٿو. انهيءَ ڪري مهاتما وقت بوقت اچن ٿا ۽ جيئن جو
ڪلياڻ تڏهن ٿيندو جڏهن هو ڪنهن موجوده سنت
ستگروءَ کان نام جو ڀيد وٺندو.

جنهن ماستر کي گذريل سوين سال ٿي ويا آهن سو
ڪيئن هن وقت اسانجي ٻارن کي پاڙهيندو؟ لقمان برابر
جراح حڪيم هو پر هن وقت ڪنهن بيمار جو علاج ڪيئن
ڪري سگهندو؟ اهڙي طرح گذريل مهاتمائن جي نيڪ
وني مڪتيءَ جي آس رکڻ وئرٿ آهي.

٣- منهنجي ڪمزورين ۽ اوڻائن جي باوجود
جيڪڏهن مون کي ستگرو منظور ڪري نام دان بخشي
ٿو ۽ نام دان جي سيڌي لائين جو اڌڪاري بڻائي ٿو
پوءِ سوال ٿو اٿي ته مونکان وڌيڪ لائق ۽ نيڪ انسان
کي نام دان ڇو نٿو ملي؟

جواب- ڇاڪاڻ ته سڀ انهيءَ مارگ لاءِ تيار نه آهن
موجوده گروءَ کان نام تڏهن ملندو جڏهن انهيءَ
ارداس ڪجي. جن ۾ نام جي جگياسا يا شوق نه آهي
پوءِ هو ڪيترا کهڙا به نيڪ پاڪ هجن ته به هنڪي سن
وٺان اها اُميد وسٽو نٿي ملي ڇاڪاڻ ته هو ٻاهر
ڪرم ڌرم سان ئي ويڙهل رهن ٿا.

٤- هن وقت سنت ستگرو ڀارت ۾ رهي ٿو. ڇا

شايد مرڪ آتمائن کي گهرائي انهن سان وارتالاپ ڪرڻ
آهي. جيڪي روحن کي گهرائيندا آهن، تنهن پنهنجي مانسڪ
شڪتيءَ تي ڪو به ڪنٽرول نه هوندو آهي. اهو ڪم
نه صرف نامناسب آهي پر خطرناڪ به. اهو ڪم
ڪرڻ سان اهڙا شڪتي ڪمزور ٿئي ٿي ۽ صحت تي
خراب اثر پوي ٿو. جي روحن کي گهرائيندڙ ايماندار به
هجي ته به ڪو پڪو ڀروسو نه آهي ته جنهن آتما کي
اسين گهرائڻ چاهيون ٿا سا برابر آئي آهي يا نه. عام طور
گهرائيندڙ (Medium) نيم بيهوش هوندو آهي ۽ هن جو
پنهنجي مانسڪ شڪتين تي ڪو به ڪنٽرول نه رهندو
آهي. سندس حالت ڪا اوچي چيتنا جي اوستا نه
هوندي آهي پر هڪ اهڙي بيهوشيءَ جي حالت،
جنهن ۾ ڪا اجنبي آتما هن جي من تي سوار هوندي
آهي، جا دوکو به ڏئي سگهي ٿي ۽ گمراهه به ڪري
سگهي ٿي. ائين آهي ته پنهنجي وڇڙيل مترن جا نياپا
ٻڌي من کي تسلي اچي ٿي پر هن ڪرڻ ۾ ڪو
روحاني لاڀ ڪونهي. بهتر ته اهو آهي ته اسين خود
ابياس ڪري پنهنجي انهن دوارن جنم مرڻ جي رهسيه
کي سمجهون.

٩- جيڪڏهن مان جڳتيءَ انوسار ابياس ڪري اندر
۾ وڃان ته مان ڪيئن وشواس ڪريان ته منهنجا قدم
صحيح مارگ تي آهن ۽ مونسان دوکو نه ٿي رهيو آهي؟
مونکي ڪيئن خبر پوي ته ڪال جو وگهن ڪارڪ

خوشيءَ سان سوال پڇي سگهو ٿا. اسين سڀ پرم ستيه جي کوج ۾ لڳل آهيون ۽ ڪنهن نه جگياسوءَ جي سهائتا ڪرڻ ۾ اسان کي پرسنتا ٿيندي.

٦- جيڪڏهن مان نام وٺان ته منهنجي ڪرمن کي ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟

جواب- هر ڪو ڪرم لهڻي ڏيڻي ۽ ڪرمن جي قانون انوسار ٿئي ٿو جنهن ۾ هر ڪنهن پاليءَ جي قسمت جدا جدا آهي. روحاني کوج هڪڙو شخصي ڪم آهي جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جي مٿان دٻاءُ يا زبردستي مناسب ناهي.

٧- نام دان پراپت ڪرڻ لاءِ مونکي ڪهڙي تياري ڪرڻ کپي؟ ڇا انهيءَ تياري جو ڪو معيار آهي؟

جواب- صرف ستگرو ئي ڄاڻي ٿو ته ڪنهن کي نام ملڻو آهي ۽ ڪنهن کي نه. پر انهيءَ ڪار کي آسان بڻائڻ لاءِ ستگروءَ جا مختلف ديشن ۾ عيوضي، اهڙن جگياسن جي سوچنا وقت بوقت ستگروءَ کي ڏيندا رهن ٿا. ستگروءَ جو حڪم آهي ته نام دان وٺڻ کان اڳ جن شرطن جو ذڪر باب ستين ۾ ڪيو ويو آهي (ماس، شراب تياڳڻ ۽ نيڪ زندگي گهارڻ) کي نڀائڻ ضروري آهي.

٨- اسپرچوئلزم (Spiritualism) جي ابياس مان ڪو لاڀ ٿيندو؟

جواب- توهانجي مطابق اسپرچوئلزم جو مطلب

کي اختيار ڪندا آهن ته نه پهرئين گروه سان ٺهڪندڙ سمبنڌ
سندو رهي سگهي ٿو.

١١- هن پستڪ جي ٽئين باب ۾ لکيو ويو آهي ته
هن روحاني يالرا جي آخر ۾ ساڌڪ پرماتما ۾ لين ٿي
وڃي ٿو. انهيءَ جو اهو مطلب آهي ڇا ته هو پنهنجي
شخصيت وڃائي ٿو ڇڏي؟

جواب- جڏهن ڪي اسين پنهنجي شخصيت ڇڏيون ٿا
سو ته صرف هڪ ڀرم آهي ۽ اسانجي هن فاني ۽ ناسونت
سرير جي سمبنڌ جي ڪارڻ آهي. انهيءَ ڀرم جي ڪارڻ
اسين پاڻ کي ڪل مالڪ جي سرو لوڪ شڪتيءَ کان
الڳ ٿا سمجهون. ابياس دوران جڏهن آتما پرماتما ۾
سمائجي وڃي ٿي ته انهيءَ ۾ ڪو به نقصان ڪونهي،
جو ته قطرو جڏهن سمنڊ ۾ سمائجي ويندو آهي تڏهن
هو پاڻ قطري مان ڦري سمنڊ بڻجي ويندو آهي.

شڪتيون ڪهڙيون آهن ۽ مان واپس شرير ۾ موٽي ايندس يا نه؟

جواب - پوري گروه جي شڪتي وٺڻ ڪانپوءِ من ۾ ڪو به ڀؤ نٿو رهي. گرو نام دان ڏيڻ وقت سڀ هدايتون چڱيءَ طرح ڏيندو آهي ته اندر ۾ ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙي شڪتيءَ کان دور رهڻو آهي. هو سدائين پنهنجي شيوڪ جي سنڀال ۽ رکيا ڪندو رهي ٿو ۽ اها سوجهي ان وقت پوي ٿي جڏهن شش اندر وڃي ٿو. سنت مت جي ابياس ۾ اڇا انوسار شرير کي خالي ڪري سگهجي ٿو ۽ وري واپس اچي سگهجي ٿو. هن سادنا ۾ ڪنهن به نقصان يا خطري جي گنجائش ڪانهي.

١٠- جيڪڏهن منهنجي رغبت انهيءَ آتمڪ سائنس جي ابياس ڏانهن ٿئي ۽ مان اڳيئي ڪنهن گروه جو شيوڪ هجان ته پوءِ مونکي انهيءَ گروه کي ڇڏڻو پوندو ڇا؟

جواب - جيڪڏهن تنهنجو گرو سچ پچ تنهنجو شڀچنتڪ آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ گرو آهي ته پوءِ تنهنجي سچ جي وڌيڪ کوج جي ڀاونا کي هو پاڻ پسند ڪندو ۽ توکي خوشيءَ سان اهڙي اوچي ۽ آسان مارگ تي هلڻ جي اجازت ڏيندو. مهاتما هميشه اُدار دل ٿيندا آهن ۽ ڪنهنجي به واڌارن جي آزاديءَ ۾ رنڊڪ نه وجهندا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن توهان سنت مت

# سنڌي ڪتابن جي لسٽ

| ليکڪ | ڪتاب جو نالو |
|---|---|
| حضور سوامي جي م | ١. سار وچن نثر |
| حضور سوامي جي م | ٢. سار وچن راڌا سوامي |
| بابا جيمل سنگهه جي مهاراج جن ج | ٣. پرمارٿي پتر ڀاڱو-١ |
| حضور مهاراج ساون سنگهه جن ج | ٤. پرمارٿي پتر ڀاڱو-٢ |
| حضور مهاراج ساون سنگهه جن<br>ستسنگ ۾ ڀڌايل ساک | ٥. پرمارٿي ساکيون |
| حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستس | ٦. سنتن جي سکيا |
| حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستس | ٧. سنت مت |
| حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي پ<br>گورمت سڌانت جو د | ٨. گورمت سار |
| | ٩. پر سنت تلسي صاحب |
| ڪاشي نات آپا | ١٠. سنت دادو دئيال |
| سردار بهادر مهاراج جڳتسنگهه جن<br>ستسنگ ۾ | ١١. آتمڪ وگيان |
| حضور مهاراج چرنسنگهه جن<br>ستسنگ ۽ چٺين جا جوا | ١٢. سنت مت درشن ڀاڱو ١ |
| حضور مهاراج چرنسنگهه جن دوا<br>سنت مت جي ويا | ١٣. سنت مارگ |
| حضور مهاراج چرنسنگهه جن جا ستسنگ | ١٤. ستسنگ اڪان ٢٠ |
| مختلف سنتن جون باڻيو | ١٥. سنتن جي باڻي |
| مختلف سنتن جي باڻيءَ مان ش | ١٦. وينتي ۽ پرارٿنا جا شبد |
| راءِ صاحب منشي ر | ١٧. روحاني ڊائري ڀاڱو ١-٢-٣ |
| شري ليکراج پر | ١٨. ستگورن جي سکيا ڀاڱو ١-٢-٣-٤ |
| ديوان دريائي لعل ڪپو | ١٩. سنت سماگم |

ANDER JO AWAZ

(SINDHI)